# قومي تحريڪ ۽ ڪاوشون



عبدالواحد آريسر

# قومي تحريڪ ۾ رڪاوٽون

عبدالواحد آريسر

ينيور اشاعت گهر حيدرآباد
1990ع

(جملي حق واسطا محفوظ)

نالو : قومي تحريڪ ۾ رڪاوٽون.

تعداد : ٢ هزار

سال : مارچ ١٩٩٠ع

ڇپائيندڙ : ينيور اشاعت گهر حيدرآباد

ڇاپيندڙ : جمالي پرنٽنگ پريس- مدينه مارڪيٽ
ڪاڏي ڪاتو- حيدرآباد

(اداري جو اٺوينهون ڪتاب)

ملهه : ٠٠-٤٥

# نياز همايوني جي ڳالهه

هرڻيءَ جي چال، بلبل جي چال
ٽڪ جي مهڪ، ڪڻيءَ جي تازگي.
مينهن وسائي جي خوبصورتي، مينهن پئل ڪنواري،
ڌرتيءَ جي خوشبوءِ.
خليفي جي ڪيڏاري جي گرج، ڌرتيءَ جي حفاظت،
لاءِ دراوڙ جي للڪار.

زندگيءَ سان ڀرپور جوانيءَ جي ڀرڻين ٽهڪ، ۽ شهيد سند الله بخش سومري جي خون شهادت جي ميلاپ سان جيڪڏهن ڪائي تصوير تيار ٿي سگهي ته ان تصوير جو نالو نياز همايونيءَ جي شاعري آهي.

جنهن نه صرف منهنجي زندگيءَ جي مقصد کي باک جي ڪرڻ سان وهنجاريو آهي پر منهنجي رڳن جي رت ۾ محبوب جي ياد وانگر ملي ويئي آهي.

آءٌ هي ڪتاب اهڙيءَ شاعريءَ جي خالق نياز همايونيءَ کي ارپيندي، پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهان ٿو.

ڀٽين ڀٽين ڀال، مون سر ماڙيچن جا.

”آريسر“

”هن وقت منهنجي ملڪ ۾ غير ملڪي سامراج جي خلاف جيڪو تنور ٻرڪي رهيو آهي، منهنجو فرض آهي ته، ان ۾ وڏيون ڪاٺيون وجهان نه ڪو ٻيو فرقيوارانه يا طبقاتي تنور تيار ڪريان“

”ابوالڪلام آزاد“

”جنهن ڏينهن آءٌ قومي ناموس جي حفاظت جي فرض ۾ ڪسان، ان ڏينهن منهنجي مٿان سج جي روشني نه پوي“

”هڪ عرب شاعر“

”اسانجو رت اسان جهڙن هزارها ماڻهن کي جنم ڏيندو، هڪ آزاد ايراني قوم اسانجي موت جو انتقام وٺندي“.

۱۹۵۳ع ۾ ڦاسي چڙهڻ کان اڳ
ايراني قوم پرستن جا آخري لفظ

شاندار ڪاميابيون حاصل ڪيون. اهڙي ريت قومي آزادي واري جهنڊي هيٺ گڏ ٿيل عوام، قومي تحريڪن رستي برطانيا، فرانس، پرتگال جي هٿ هيٺ صدين کان هلندڙ استحصالي نظامن کي ختم ڪري آزادي حاصل ڪري ورتي. اهڙي طرح قومي تحريڪ جي لافاني ۽ لازوال جدوجهد سبب ايشيا، آفريقه ۽ لاطيني آمريڪا جي ١٢٠ کان وڌيڪ ملڪن ڪالونل (Colonial) ۽ جديد ڪالونل (New Colonial) نظام منجهان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ورتو.

قومي تحريڪ جي تاريخي جدوجهد مان حاصل ڪيل تاريخ ساز ڪاميابين جو شاندار مثال ١٩٥٩ع ۾ ڪيوبا جي حاصل ڪيل قومي جمهوري آزاديءَ منجهان نمايان نظر اچي ٿو جنهن ٿوريءَ آبادي (تعداد) محدود قوت ۽ ڪمزور حالت ۾ هئڻ سان گڏوگڏ، حاڪم قوم کي ويجهو هئڻ جهڙن ڳالهين سان غلام قومن کي پڻ ڏياري محڪوم رکڻ وارن رجحانن کي غلط ثابت ڪري محدود وسيلن ۽ محدود عوامي فوج رکندڙ غلام ملڪن جا حوصلا بلند ڪري ڇڏيا. فيڊل ڪاسترو جي اڳواڻيءَ ۾ ڇوٽڪارو حاصل ڪندڙ هن ملڪ جي ان وقت آبادي صرف ٦٠ لک هئي ۽ آمريڪا جهڙو راڪاس ان جي سرحدن کان صرف ٩٠ ميلن جي مفاصلي تي جديد کان جديد هٿيارن ۽ بمبار جهازن سان مسلح ٿي سندس ڀرپور مخالفت ڪري رهيو هو. پر پوءِ به قومي تحريڪ جي شاندار جدوجهد جي نتيجي ۾ انهن معمولي هٿيارن کي هٿ ۾ کڻي به آزادي حاصل ڪري ڏيکاري. ان لازوال جدوجهد دوران حاصل ڪيل تجربن جي روشنيءَ ۾ ئي فيڊل ڪاسترو چيو هيو ”آزادي حاصل ڪندڙ عوام جڏهن جنگ ڪندو آهي تڏهن هو هوائي جهازن کي پٿرن سان ڇتيندو آهي ۽ ٽئنڪن کي اٿلائي اونڌو ڪري وجهندو آهي.“ ڪيوبا جو انقلاب جنهن ۾ هر طبقي جي محب وطن، شاگرد، هاري، مزدور، ملازم

طبقي يا گروهه جي هٿ ۾ آهي."

سنڌ جي قومي تحريڪ جيترو اڳتي وڌڻ گهرندي هئي، ايتري اڳتي وڌي نه سگهي آهي. ان جا به ضرور ڪي ڪارڻ هوندا، اهڙيون ضرور ڪي رڪاوٽون هونديون، جن قومي تحريڪ کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو هوندو ۽ اهڙا ضرور ڪي سماجي ٽوڙي سياسي فرد، گروپ ۽ ٽولا هوندا جن جي اوندن عملن سان قومي تحريڪ ڪمزور ٿيندي هوندي، اهڙن "دوست نما دشمن"، گروهن کي سمجهڻ، انهن جي نشان دهي ڪرڻ وارو عمل به ڪاميابيءَ ڏانهن رڌڻ جو هڪ حصو آهي. چاڪاڻ ته ڪنهن ڏاهي چيو آهي:

" جنهن دشمن کي سمجهي ورتو، ڄڻ اڌ جنگ کٽي ورتي."

اهي جيڪي دوست نما دشمن، جن جو سياست سان وابسته رهڻ گذران جو وسيلو بنجي وڃي ٿو، تن کي سمجهڻ ۽ انهن طرفان ٿيندڙ حرڪتن جو توڙ ڳولڻ ڏکيو پر ساڳئي وقت ضروري عمل آهي، جنهن کان سواءِ قومي تحريڪ جو اڳتي وڌڻ نه رڳو ڏکيو، پر اڪثر حالتن ۾ نا ممڪن ٿيو وڃي. اهڙن ئي حالتن واري ڪيفيت ۾ ڪنهن محب وطن چيو آهي ته:

"منهنجي دوستن کان مونکي بچايو، دشمنن کي آءٌ پنهنجو پاڻ منهن ڏيندس." اهڙن مسئلن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ محترم عبدالواحد آريسر جو هي ڪتاب هڪ سٺي ڪوشش آهي، جيڪا نه رڳو سنڌ جي قومي سياست جي حوالي سان پر موجوده دور جي حوالي سان برصغير جي سياسي ميدان ۾ هڪ منفرد قسم جي ڪوشش آهي، جنهن سان قومي تحريڪ جي راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي سمجهڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهجي ٿي. آريسر صاحب پنهنجي هن منفرد تصنيف ۾ قومي تحريڪ ۾ "قومي ثقافت، تاريخ، زبان، حب الوطني ۽ آزاديءَ سان حاصل ڪيل فائدن کي بنياد طور پيش ڪيو آهي." مٿين سمورين ڳالهين کي جيڪڏهن

سمو هي يڪجاه ڪري، مختصر طور بيان ڪيو ته مٿيان پيش ڪيل سمورا نقطا وسيع قومي تاريخ جا مختلف پر بنيادي حصا نظر ايندا. جيڪي غلام قومون، حاڪم قومن جي اثر هيٺ هئڻ ڪري موراڳي وساري وهنديون آهن. اهڙي صورتحال ۾ قومي آزادي واري جيڪا به جدوجهد هلي ٿي، تنهن جو هر صورت ۾ اول ۽ آخر اهوئي مطلب هوندو آهي ته پنهنجي ان وڃايل وجود کي غاصب قوم کان کسي پنهنجي قوم جي مظلوم عوام جي هٿن ۾ واپس ڏياريو وڃي. جيئن عظيم آفريڪي اڳواڻ ايمل ڪار ڪئبرال چيو هو ته: ”قومي تحريڪ جو مقصد، پنهنجي وڃايل قومي تاريخ واپس ورائي عوام جي هٿن ۾ ڏيڻ آهي.“*

ڪئبرال جي مٿين چوڻ موجب قومي تحريڪ آزاديءَ جو مطلب آهي: ”پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهڻ وارو ڪسيل قومي حق واپس ڪرڻ ته جيئن پنهنجي قوم جا ماڻهو آزادي مائي، آزاد فضائن ۾ گيتن جي گونجار ڪندي، شاندار نموني سان قومي واڌاري، قومي تعمير ۽ ترقيءَ واري عمل کي اڳتي وڌائي سگهن. ان وڃايل ۽ وساريل وجود کي ياد ڪرڻ، سمجهڻ ۽ واپس ورائڻ جي سلسلي ۾ ٿيندڙ ڪوشش لاءِ محترم عبدالواحدآريسر جو هي ڪتاب بنيادي ۽ سونهين (Guide) وارو ڪم ڏيئي سگهي ٿو. جنهن کي پڙهڻ، پروڙڻ ۽ عمل ڪرڻ سان قومي تحريڪ واري عمل دوران سامهون ايندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ سولائي ٿي پوندي.

طالب العلم

آزاد قاضي

٢٠- فيبروري ١٩٩٠ع

# قومي تحريڪ

( بنياد ۽ مرحلا )

”اهي قومون جيڪي آزاديءَ کان محروم آهن
تن جي انقلاب جي منزل، سوشلزم نه پر
قومي آزاديءَ جي جدوجهد آهي. اگر اسان
ان ملڪ کان محروم آهيون جنهن ۾ سوشلزم
نافذ ڪرڻو آهي ته اهڙين حالتن ۾ سوشلزم
جو ذڪر بيڪار آهي.

”هاڊوزيتنگ“

# آزاديءَ ڏانهن واڌارو

انسان، ابتدائي اشتراڪي دور مان گذري جڏهن قبيلائي دور ۾ داخل ٿيو ۽ منجهس، ذاتي ملڪيت، قبضي ۽ تسلط جي شعور، پختگي حاصل ڪئي ان وقت کان ئي انساني ذهن ۾ وڌ کان وڌ شيون پنهنجي قبضي ۽ ڪنٽرول ۾ وٺڻ جي خواهش زور وٺندي ويئي.

قبيلائي دور جي تاريخ ۾، هڪ قبيلي جي ٻئي قبيلي جي ڍورن، زمينن، چراگاهن ۽ عورتن جي حصول لاءِ لڙايون، چڙهايون، ويڙهون، ڇڪرون، جنگيون، خونريزيون، حملا ۽ ملائون، انسان ۾ ذاتي قبضي ۽ تسلط جي بي پناهه هيڇ جي نشان ڏهيءَ لاءِ ڪافي ثبوت، موجود ڪري ڏين ٿيون. جن مان ڏاڍي جو هيٺي تي، طاقتور جو ڪمزور تي، پهلوان جو نستي تي، جارح جو امن پسند تي، ظلم ۽ جبر، ڏاڍ ۽ ڪاهه ڪوس ۽ ڪيس ڪرڻ، پنهنجي برتري، پهلواني ۽ بهادريءَ جو احساس ڏيارڻ سان گڏ ڦرلٽ ۽ حق تلفيءَ واري جذبي جي خبر ڏئي ٿو.

اڳتي هلي جڏهن قبيلائي دور، جاگيرداري، دور ۾ داخل ٿيو ۽ منظم حڪومتون وجود ۾ آيون. تڏهن قبيلائي لڙاين، حملن، ويڙهين، ڇڪرن، خونريزين منظم لشڪرن جي يلغارن ۽ باقاعدي جنگين جي صورت اختيار ڪئي.

انساني سماج، بيشڪ بي ترتيب قبيلائي دور مان ترقي

پنهنجي بچاءَ ۽ وجود جي جنگ جيتڻ لاءِ مذهب کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. ٻئي پاسي نئين، تازي، اڀرندڙ ۽ سڌريل صنعتي نظام، جديد فڪر، فلسفي ۽ سائنس جي هٿيارن ذريعي نهايت دانائي، ڏاهپ ۽ سياڻپ سان پراڻي سڙي ڪاڙهيل ۽ مدي خارج جاگيرداري نظام جي سَنڌ سَنڌ تي وار ڪري ڪيس هميشه لاءِ دفن ڪرڻ جون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون، نتيجي طور جوان جماڻ صنعتي نظام، پوڙهي جاگيرداري نظام کي شڪست ڏيئي يورپ جي شهرن ۾ فاتحانہ جهنڊا جهولائي پنهنجي فتح منديءَ جو اعلان ڪيو.

صنعتي نظام، فتح مند ٿيڻ شرط پنهنجي پوري لوازمات کي جاري ڪيو ۽ جاگيرداريءَ جي شڪست لاءِ جيڪي فڪر، فلسفا ۽ نظريا هن هٿيار طور استعمال ڪيا هئا تن جي ترويج ۽ اشاعت ۾ پنهنجي پوري ڪوشش صرف ڪرڻ لڳو، هن ڳالهه ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ اهي سڀ هٿيار نئين نظام جي خالقن پنهنجي وجود، بقا ۽ حفاظت لاءِ ايجاد ڪيا هئا تن کي هُنن ڪارخاني وانگر پنهنجي ئي ڀلائي لاءِ استعمال ڪرڻ تائين محدود رکيو، هاڻي وقت جي رفتار سان گڏ پراڻا ادارا ختم ٿي چڪا هئا، پراڻو ڍانچو ڊهي چڪو هو.

پر جهڙي ريت پراڻا ادارا ۽ پراڻو ڍانچو، پراڻو نظام ۽ پراڻو فڪر، مڪمل طور چند شخصن جي ملڪيت هوندا هئا ۽ سماج جي هر شيءِ کي انهن چند شخصن جي چوڌاري ڦيرائڻ ۽ گهمائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. بلڪل ساڳيءَ ريت نوان ادارا، نوان نظام ۽ نوان نظريا بہ هڪ مخصوص طبقي جي اوسر، ترقي ۽ بچاءَ لاءِ ڪم ۽ ڪتب اچڻ لڳا. اهو اوس ٿيڻو هو. ڇوتہ اهي ادرا پيداوار ئي اهڙي نظام جي هئا جنهن نظام تي پورو قبضو ۽ ڪنٽرول هڪ مخصوص طبقي جو هو. ان جي باوجود نئين نظام هڪ فائدو پهچايو ۽ انهيءَ

سان ملڻ سان گڏ پورهيت سستو، يونين سازيءَ جي حق کان
بي خبر، اجرتن ۾ واڌ جي مطالبي کان غافل ۽ اوقات ڪار ۾
ڪميءَ جي مطالبي کان اڻ ڄاڻ ملي سگهيو ٿي. اهڙي نظام
کي سامراجيت چيو وڃي ٿو ۽ يورپي سرمايه‌دار حاڪم ٽولن
مارڪس جي تجزئي کان بچڻ لاءِ انهيءَ طريقي تي عمل ڪيو.
انهيءَ طريقي تي عمل ڪرڻ لاءِ نئين علم، سائنس ۽ هنر جي
جذبي سان سرشار يورپي جانباز جهازران دنياجي مختلف ملڪن
ڪنڊن ۽ نين دنيائن کي ڳولڻ ۽ فتح ڪرڻ لاءِ نڪري پيا،
هو ڪٿي سيلاني بڻجي ويا ته ڪٿي پادري بڻجي ويا، ڪٿي
ڊاڪٽر بڻجي ويا ۽ ڪٿي آثار قديمه جا ماهر بڻجي ويا، جڏهن
واپس موٽيا، تڏهن پٺتي پيل زرعي ملڪن جي سياسي، سماجي،
معاشي، معاشرتي، جاگرافيائي ۽ فوجي هر قسم جي معلومات
جا ڀنڊار ڪٺي موٽيا، حقيقت ۾ يورپي لوڪن طرفان اهڙي قسم
جي مهم جوئي ١٦ صديءَ کان ئي شروع ٿي چڪي هئي، ليڪن
اها مهم جوئي صرف لٽ مار ۽ ڌاڙي واري قسم جي هئي.
١٩ صديءَ ۾ ان باقاعدي هڪ منصوبي جي صورت اختيار ڪئي
۽ انهيءَ منصوبي هيٺ حاصل ٿيل معلومات جي آڌار تي يورپي
ملڪن جون فوجون طوفاني يلغارون ڪنديون، پٺتي پيل ملڪن
۾ داخل ٿي ويون. جتان کان باقاعدي سامراجي دور شروع
ٿيو. محڪوم ملڪن ۾ سامراجيت ڪهڙا ڪوس ۽ ڪيس
ڪيا، ڪهڙو ظلم ۽ جبر ڪيو، ڪهڙي ريت اتي جي مال
ملڪيت ۽ هنرادو صنعت تي ڌاڙا هنيا، ڪيڏي بيدرديءَ سان
فرزندان زمين جي وات مان مانيءَ جو گرهه ڦريو ۽ ڪيئن
نه مقامي عوام جي معصوم، مقدس ۽ سادن جذبن کي فوجي
بوٽن هيٺان لتاڙيو! اڄ هتي انهيءَ داستان جي مرثيه نگاري
ڪرڻ نه ٿو چاهيان، ليڪن صنعتي ملڪ، مارڪس جي تجزئي
جي خنجر مان ڪنڌ ڪڍائڻ لاءِ ويا ملڪن پٺيان ملڪ فتح

ڪندا، شهرن پٺيان شهر والاريندا ۽ ڪٽنبن پٺيان ڪٽنب لتاڙيندا، هنن جي هٿن ۾ بندوقون ۽ ٿيلهن ۾ غلاميءَ جون زنجيرون هيون بندوقن سان هنن فرزندان زمين جي سينن تي سوراخ ٿي ڪيا، ۽ زنجيرن سان رهيل سهيل ماڻهن کي ويا غلامي ۽ محڪوميءَ ۾ جڪڙيندا.

سامراجي ملڪن، محڪوم ۽ غلام ملڪن ۾ نه صرف ناڻي جي سيڙپ ڪئي، نه صرف اتي جي عوام جي تاريخي اوسر کي روڪيو، پر بيشمار ڪچو مال، هيرا جواهر ۽ سون ميڙي پنهنجي پنهنجي ملڪن کي ڪنوار وانگر سينگارڻ سان گڏ، بي انداز ڪارخانن جون فلڪ بوس عمارتون تيار ڪري انقلابي پرولتاريه کي بچت جا ٽڪر اڇلائي رعايت يافته بنائڻ سان گڏ اڻ سڌيءَ طرح محڪوم ملڪن جي ڦرلٽ ۾ ڀاڱي ڀائيوار بنايو. انهيءَ نموني سان هو هڪ طرف محڪوم ملڪن جي ڪچيءَ ۾ غلاميءَ جا ڳٽ وجهندا ويا ۽ ٻئي طرف پنهنجي ملڪن ۾ پورهيت انقلاب جون راهون روڪيندا ويا. اهڙيءَ ريت فرانس جرمني، برطانيه ۽ آمريڪا ۾ اڄ ڏينهن تائين هنن انقلاب جو رستو روڪي ڇڏيو آهي. اڄ حالت هيءَ آهي جو آمريڪا جو ڀنگي ۽ ناڳي ڪار ۾ گهمي ٿو. برطانيه جو مزور هوائي جهاز ۾ سفر ڪري ٿو، پر هندوستان، پاڪستان، بنگلا ديش ۽ افغانستان جو مزور ڪتارا بس جي ڀاڙي لاءِ محتاج آهي، ۽ اينگلز جو ڏنل نعرو، ”دنيا جا مزورو هڪ ٿي وڃو!“- پنهنجو اثر ذري گهٽ وڃائي ويٺو آهي.

روسي مزور، هاف فرائي ۽ ووڊڪا جي ناشتي ۾ مصروف آهي، عين انهيءَ وقت لانڍيءَ جي مزور جي سيني ۾ سامراجي دلالن جي گولي سوراخ ڪري رهي آهي. پر روسي مزور حڪومت جي عالمي پاليسيءَ هيٺ ڪوبه احتجاج ڪري نه ٿو سگهي. مزور اتحاد جي باري ۾ اهو هڪ وڏو حادثو آهي ۽ ان حادثي

هفتو مهينو ۽ وقت نہ ٿو مقرر ڪري سگهجي ٿو. البتہ ڪجهہ نشانيون ۽ علامتون، پـار ۽ پتا، ڏسـي ۽ اهڃاڻ آهن، جن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ هـي قوم زوال ڏانهن وڃي رهي آهي. منجهانئس قومي ترقي ۽ زنـدگـيءَ جو ولولو ۽ تحرڪ ختم ٿي ويو آهي. انهن اهڃاڻن مان سڀ کان وڏو اهڃاڻ ۽ نشان هي آهي تہ قوم جي فردن مان اجتماعي ۽ گڏيل قومي مفادن واري سوچ ختم ٿي وڃي ۽ ان جي جاءِ انفرادي ۽ ذاتي فائدي ۽ ڀلائي جي سوچ ۽ لوڇ اچي وڃي ۽ غلبو حاصل ڪري وٺي. يعني قومي ايثار جـي بجاءِ پوري قوم جو هر فرد ذاتي خود غرضيءَ ۾ مبتلا ۽ گرفتار ٿي وڃي. جڏهن قومي زوال جـو سبب ٿي اجتماعيت جـو خاتمو ۽ ذاتي خود غرضيءَ جو پيدا ٿيڻ آهي (اهي بيماريون خودبخود پيدا نہ ٿينديون آهن پر قاض ڌريون پنهنجي اقتدار ۽ قبضي کي مستحڪم بنائڻ لاءِ اهي بيماريون پيدا ڪنديون آهن) تہ پوءِ قومي تحريڪ کي بہ انهن شين کي اهميت ڏيڻ گهرجي جن جي ڪري قوم جي فردن ۾ اجتماعي سوچ، اجتماعي ڪردار، اجتماعي ايثار ۽ گڏيل امنگ پيدا ٿئي- انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪڏهن ڪڏهن. قومي ڇوٽڪاري جي جدوجهد شروع ٿيڻ وقت هڪ قوم پوري ريت ذهني ۽ فڪري طرح اجتماعي سوچ جي جذبي سان لبريز هوندي آهي. جيئن بنگالي، تہ ڪڏهن ڪڏهن قومي جدوجهد ۽ هل چل ئي هڪ قوم کي صحيح معنيٰ ۾ متحد، مضبوط ۽ ناقابل شڪست قوم بنائيندي آهي، جيئن ويٽ نامي ۽ آفريڪي قومون پوئين صورت ۾ قومي آزادي ۽ ڇرٽڪاري جو بنياد اهڙين شين کي بنائڻ گهرجي جيڪي پوري قوم ۾ گڏيل ۽ هڪ جهڙي ڪشش واريون هجن.

دنيا جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جـو بنياد (١) ثقافت،

ڇانگي صاف ڪري سهڻي ٻيهڪ ڏين. جيئن ڏسندڙ لاءِ ان ۾ هڪ قسم جي دلڪشي پيدا ٿئي ۽ زمين جي پاڻياٺ، بيڪار ڏارين تي ضايع ٿيڻ کان بچي، وڻ جي وڌڻ جو سبب بنجي. انهيءَ لفظ جي مفهوم مطابق، انسان ۾ پنهنجي حالتن کي تبديل ڪرڻ، انهن کي بهتر ۽ خوبصورت بنائڻ، غلط، بيڪار، فرسوده ڳالهين، روايتن ۽ رسمن کان پنهنجي ماحول ۽ معاشري کي پاڪ ڪرڻ جي تڙپ ۽ تات دوران جيڪا ثقافت (تهذيب) تخليق ٿيندي رهندي آهي سا پنهنجي دور، وقت ۽ حالتن مطابق جاندار، بهتر ۽ خوبصورت ٿيندي آهي. ايندڙ نسل کي ان ۾ ڪي ڳالهيون روايتون، رسمون بيڪار ۽ نقصان ڪار لڳنديون آهن ۽ هو انهن ۾ سڌارا ۽ اصلاحون ڪندو آهي. اهڙي ريت جڳن گذرڻ کان پوءِ ڪنهن خطي جا ماڻهو هڪ قومي ثقافت تخليق ڪندا آهن ۽ سندن جاکوڙ، جفاڪشي ۽ خيالن جي جهلڪ ان ثقافت ۾ نظر ايندي آهي.

فطرت جو قانون آهي ته انسان پنهنجي محنت ۽ مشقت سان جيڪا شي تخليق ڪندو آهي سا ڪيس بي حد پياري ۽ عزيز هوندي آهي. هو ان جي هڪ ذري تان به دست بردار ٿيڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار ڪونه ٿيندو آهي. ان کان سواءِ انساني عقائد ۽ نظريات جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي وڏ کان وڏ چاهي ٿو ۽ انکي ڪنهن به صورت ۾ ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي اها شيءِ انساني روايتن جي لڙي آهي. دنيا جي حڪيم پيغمبرن کان وٺي جديد دور جي انقلابي مفڪرن تائين هر ڪنهن پنهنجي تحريڪ دوران انهن روايتن، ريتن ۽ رسمن کي ڇيڙڻ بجاءِ پنهنجي تحريڪ لاءِ هٿيار طور ڪتب پئي آندو آهي. هي ئي ڳالهه آهي ته انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ رٿابندي ۽ شعوري تعليم ذريعي اهڙين ريتن ۽ رسمن کي ڪهڙو رنگ ۽ روپ ڏنو ويو هو.

سائينس ۽ علم جون علمبردار تنظيمون، پنهنجا ملڪ، خطا ۽
وطن ڇڏي ٻين ملڪن ۾ ڪاهي پيون آهن- جتي پنهنجا رسم
۽ رواج، پنهنجون ريتون ۽ ڪريتون، پنهنجا سوڻ ۽ ستا، پنهنجا
قدر ۽ معيار، پنهنجا نظام ۽ نظريا ٻين تي مڙهي، مسلط ڪري،
مقامي ماڻهن کي ماري انهن جي تهذيب ۽ تمدن ناس ڪري
قومن جي اوسر ۽ ارتقا کي روڪيندڙيون رهيون آهن. آرين
جي اچڻ کان وٺي ايسٽ انڊيا ڪمپني تائين اهين ٿي ٿيندو
رهيو آهي. آرين جو چراگاهن جي تلاش ۽ سرسبز ميدانن جي
ڳولا ۾ نڪري سنڌ ۽ هند کان اڳتي وڌڻ تاريخ جو هڪ
وڏو حادثو آهي، جيڪڏهن آرين جي آفت هتي نه ڪڙڪي
ها نه دراوڙن جي ذهني ۽ علمي ارتقا جي اها رفتار جيڪا
موهن جي دڙي ۾ نظر اچي ٿي سا نه معلوم ڪٿي پهچي ها
۽ اڄ شايد پوري دنيا جو نقشو بدليل نظر اچي ها- اڳتي هلي
يونانين جي سوچ ۽ فلسفي هن نندڙي کنڊ کي وڏي ذهني
مونجهاري ۾ وڌو. ايرانين ۽ عربن هتي جي تاريخ جي وهڪري
جي آڏو بند ٻڌا- ارغونن، ترخانن، غورين، غزنوين، خلجين،
مغلن نه صرف هن ديش جي تاريخ کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو.
عوام کان پنهنجي تاريخ پاڻ ناهڻ جو حق ڦريو. پر انجي
تعمير، ترقي ۽ واڌاري لاءِ ٿيل ڪوشش کي مليا ميٽ ڪرڻ
جي ڪوشش ڪئي. انگريزي سرشتي هن خطي جي تاريخ کي
بلڪل نئون رخ ۽ نئون موڙ ڏنو.

اهي سڀ قومون، جماعتون، تنظيمون، گروهه ۽ ٽولا
جيتوڻيڪ انهيءَ نظريه تحت هتي آيا هئا جنهن هيٺ آريا- پر
هنن نون ايندڙن مان هرڪو پاڻ سان ڪا نه ڪا نئين دعويٰ
به ڪئي ايندو رهيو.

يوناني درندن جو چوڻ ته اسانکي روءِ زمين تي حڪومت
ڪرڻ جو حق آهي ڇو ته اسان سڌريل نظام ۽ فلسفي جا

پوندا آهن. اها ڳالهه اٿي جو سرمائيدار برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڏي ڪونه ٿيندو آهي ڇو ته ڪيس سيڙپ ڪان وڌيڪ اپت جو آسرو نه هوندو آهي.

(ب) ڪچي مال جي سپلاءِ بند ٿيڻ سبب ڪارخانن ۾ ڪم بند ٿيڻ لڳندو آهي، تنهن ڪري پورهيت طبقي ۾ حڪمران ٽولن جي خلاف، بي روزگاري جي واڌاري جي ڪري نفرت وڌڻ لڳندي آهي.

سرمائيدارن جو سامراجي ٽولو پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ جنگ بند ڪري بيهڪن مان ٽپڙ ويڙهڻ شروع ڪري ڏيندو آهي، جيئن برطانيا، فرانس ۽ پورچوگال ڪيو.

# قومي تحريڪ ۾ رڪاوٽون

جي گس وٺڻ بجاءِ پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي سان انهن رڪاوٽن جو حل پيش ڪن ۽ قابض ڌرين جي چالن کي ناڪام بنائي، اونداهين مان پنهنجي قومي ٻيڙيءَ کي سلامتيءَ سان ڪناري تائين پهچائين. قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي تاريخ پڙهندي هر مرحلي ۽ هر ميدان ۾ امانڪي اهي رڪاوٽون ۽ انهن تي داناءُ اڳواڻن جون فتح يابيون نظر اچن ٿيون ۽ قابض طاقت جون پيدا ڪيل رڪاوٽون هنن جي تحريڪ ۽ تنظيم ۾ تمام گهٽ اثرانداز ٿي سگهيون آهن.

## ”قبيلي وار تنظيمون“

دنيا جا اهي ملڪ جتي قبائلي نظام موجود هوندا آهن، اتي قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ لاءِ سامراجي ۽ قابض قوتون قبائلي دشمنيون، جهيڙا ۽ جهڳڙا پيدا ڪري قومي اتحاد ۾ ڏار جي راهه روڪينديون آهن. قبيلن جي سردارن جي پٺيان عوام جي اڪثريت هوندي آهي، اها اڪثريت قبيلي جي سردار جي عزت کي پنهنجي عزت سمجهندي آهي ۽ سردار جي بيعزتي کي پنهنجي بيعزتي. اهڙي سرشتي ۽ صورتحال ۾ سامراج ۽ ڦورو ٽولو ڪن قبيلن جي سردارن کي نوازڻ شروع ڪندو آهي، انهيءَ نوازش ۽ انعام اڪرام، لقب، خطاب سان گڏ، مخالف قبيلي سان نوازيل قبيلي جي هر زيادتي معاف ڪئي ويندي آهي. اهڙي طريقي سان سامراجي ۽ غاصب حڪومتون هڪڙن قبيلن جون طرفدار ٿي، ٻين قبيلن کي ختم ڪنديون آهن- پراڻين قبيلائي دشمنين کي نه صرف زنده ڪنديون آهن، پر انهن کي تيز ڪرڻ، ڀڙڪائڻ ۽ ناقابل حل بنائڻ جا جتن ڪنديون رهنديون آهن. طاقت ور ۽ زور آور قبيلن کي انهيءَ طريقي سان ختم ڪرڻ کان پوءِ رهيل سهيل قبيلن جي سردارن جي سرڪشي ختم ڪري کين صفا فرمانبردار بنائي ڇڏينديون آهن. نيٺ حڪومت

## ”ذاتي رنجشون“

قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ جيئن ته مختلف خيالن، سوچن ۽ نظرين جا حامل فرد شامل ٿيندا آهن جن جو سماج جي مختلف حصن ۽ طبقن سان تعلق ۽ واسطو هوندو آهي.

ان ڪانسواءِ تحريڪ جي مختلف ڪارڪنن ۾ مختلف سببن ڪري ذاتي رنجشون ۽ ناراضگيون پڻ هونديون آهن. اهي ڌار ڌار سوچون، طبقاتي تفاوت، ذاتي ناراضگيون ۽ رنجشون تنظيم ۾ ڪجهه اندروني تضادن ۽ اختلافن جو ڪارڻ پيدا ڪنديون آهن. اهي ننڍڙا ۽ هلڪڙا اختلاف تضاد قابض ڌر کان ڳجها ڪين رهي سگهندا آهن. انڪري قابض ڌر قومي تحريڪ کي ناڪام بنائڻ يا انجي راهه روڪڻ لاءِ انهن تضادن مان فائدا وٺڻ لاءِ ڪيتريون ئي ترڪيبون، اٽڪلون ۽ تدبيرون اختيار ڪندي آهي جنهن جي نتيجي ۾ اهي معمولي ڳالهيون تحريڪ لاءِ هاڃيڪار ۽ نقصانڪار ثابت ٿينديون آهن. ڪڏهن ته هڪ زبردست قومي تحريڪ انهن اختلافن ۽ تضادن جي نتيجي ۾ مختلف ڌڙن، گروهن ۽ گروپن ۾ ٽٽي ويندي آهي ۽ پوءِ اهي گروپ، گروهه ۽ ڌڙا گڏيل دشمن کي ڇڏي هڪ ٻئي جي ڏاڙهي پٽ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن، اخبارن، رسالن ۽ پمفليٽن جي ذريعي، هڪ ٻئي جون خاميون، ڪچايون ۽ ڪمزوريون ظاهر ڪندا آهن. انهيءَ مناظري بازي ۽ وٺ وٺان ۾ ڦورو ٽولو قومي تحريڪ جي انهن ڪمزور پهلوئن کان وڌيڪ واقف ٿيندو آهي جيڪي اڃان سوڌو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڪائنس لڪل ۽ ڳجها هوندا آهن ۽ هن کي انهيءَ ڇتا پيتيءَ دوران اها خبر پئجي پوندي آهي ته قومي تحريڪ سان واسطيدار مختلف ڪارڪنن مان اهم ماڻهن جي ڪمزوري ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي وسيلي خريدي يا قومي تحريڪ کان ڪٽي سگهجي ٿو.

حقيقت ۾ اهڙي قسم جون هلڪڙيون ناراضگيون ۽

ٻچڙن لچڻن جي ڪري عوام کي قومي تحريڪ کان ڪٽڻ
۽ بدظن ڪرڻ جو سبب بڻجندا آهن. اهڙا ماڻهو وڏن ۽ خوشحال
ماڻهن کي ڏسي انهن جي زندگيءَ جي معيار جي نقالي ڪرڻ
لاءِ پارٽي فنڊن ۾ خرد برد چنده خوري ۽ بليڪ ميلنگ جي
عادت ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن ۽ قومي جماعت کي پنهنجي
ذهني ۽ جسماني عياشيءَ جو ذريعو بڻائي وجهندا آهن. ڪي
ماڻهو نه مرڻ نه منجو چڙڻ واري پهاڪي جي سچي پچي
تصوير ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن وٽ ذهن اڌارو عقل اڌارو ۽
سوچ اڌاري هوندي آهي جن جو ڪم ۽ سياست صرف مس
پُس ۽ ڪنهن هوٽل يا دڪان تي ٽهڪن جي محفل آزاديءَ
تائين محدود هوندي آهي. جن ۾ نه ڪم ڪرڻ جي صلاحيت
هوندي آهي ۽ نه وري سوچڻ جي اهليت. پر ان جي باوجود
هو پنهنجن عهدن سان چنبڙيا پيا هوندا آهن. ان جو واحد
سبب هيءُ هوندو آهي ته هنن کي عهدن جي طفيل هڪ قسم
جي معتبري ۽ ذهني برتري ميسر هوندي آهي، ۽ انهيءَ معتبري
۽ وڏيري تي هر شهري سوسائٽي يا انتظامي مشينريءَ ۾ اهميت
وارا ليکيا ويندا آهن. اهڙن ماڻهن جي موجودگي قومي ڪارڪنن
۾ مايوسي مونجهارو بيوسي ۽ لاچاري پيدا ڪندي آهي جيڪا
نيٺ قومي تحريڪ کان جدائي تي پهچندي آهي. انهن سڀني
مرحلن کان بچڻ جو طريقو هي آهي ته قومي تحريڪ جو زور
۽ دارو مدار شخصيتن جي بجاءِ پروگرام تي هجي ۽ قومي
ڪارڪنن کي هر قسم جي سياسي تعليم ڏني وڃي. قومي آزادي
جي تحريڪ دوران ڪنهن فرد جو غير جانبداريءَ وارو تصور
به انتهائي خطرناڪ آهي. هڪ ماڻهو ڪنهن قومي تحريڪ
دوران پنهنجي ڪنهن عمل سبب شهرت حاصل ڪندو آهي،
پر هو بظاهر ڪنهن تنظيم گروپ، جماعت ۽ گروهه سان وابسته
ڏيکاري نه ڏيندو آهي.

عام ماڻهن ۾ سندس ڪنهن عمل سبب ٿورو گهڻو قدر

ورڪرن جي اڻ موجودگي ۽ غير حاضري ۾ وطن دشمن ۽ قوم فروش ٽولن لاءِ پنهنجي عوام دشمن ۽ قوم ڪش ڪاروائين لاءِ ميدان صاف ٿي ويندو آهي. اهي ٽولا سامراج جي پشت پناهيءَ سان قومي آزاديءَ جي تحريڪ تي راتاهو هڻي ۽ حقيقي قوم پرست تنظيم جي پيدا ڪيل ۽ اپاريل اثرن کي زائل ڪرڻ واري روزگار سان پارن پچن سميت لڳي ويندا آهن. اهڙي وقت ۾ سامراج، وطن فروش ٽولن کان قومي تحريڪ جي ليڊرن ۽ ورڪرن جي خلاف هن قسم جي پروپئگنڊا شروع ڪرائيندو آهي، ۽ اها پروپئگنڊا آهستي آهستي زهر وانگر اثر ڪندي ويندي آهي.

”هنن انتها پسنديءَ جو مظاهرو ڪيتري وقت کان اڳ ۾ قدم کڻي پاڻ سان گڏ پوري قوم کي ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو. اسان اڳ ۾ ئي چوندا هياسين ته قومي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جو راز اسان جي حڪمت عمليءَ ۾ لڪل آهي. اڄ اوهان ڏسي ورتو ته انتها پسند سڀ جيلن ۾ هليا ويا آهن ۽ قوم بيواهي ٿي پئي آهي، ان وقت اسان ئي آهيون، جيڪي قوم جي پرگهور لهڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري آيا آهيون. اسانجي ڪم جي طريقه ڪار اهڙو آهي جو ان مان رکو فائدو ئي فائدو آهي. نقصان جو ته نالو ئي ڪونهي، پلا رکو جيلن ۾ وڃڻ ته قوم جي خدمت ناهي وغيره.“ اهڙي طريقي سان عوام دشمن ٽولا ۽ گروپ سامراج جي سهڪار سان قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ذهني ۽ ذهني مونجهارا پيدا ڪري گهٽي حد تائين پنهنجي لاءِ ميدان هموار ڪري پنهنجي پوزيشن مضبوط بنائي، حالتن کي اهڙي درجي تائين پهچائيندا آهن، جو قومي ليڊرن جي آزاديءَ کان پوءِ حالتون مڪمل طور سامراج ۽ ان جي چاڙتن وارن مطالبن ۽ گهرجن جي رحم و ڪرم تي هونديون آهن، جن تي قومي ضابطو رکي نه سگهندا آهن. جيئن ۱۹۴۲ع ۾ هندستان خالي ڪريو تحريڪ وقت ٿيو.

طرح قابض ٿي ويندو.

پٺتي پيل ملڪن اندر جتي عوام ۾ تعليم جي گهٽتائي هوندي آهي، اتي تحريڪ جي وچ ۾ گهڻو ڪري تحريڪ تي قبضو ڪرائڻ لاءِ قابض ٽولو پنهنجن ڇاڙتن کي قومي هيرو جي حيثيت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ تحريڪ جي آخري مرحلن ۾ تحريڪ جي صحيح رهنمائن کي گرفتار ڪري نقلي، جڙتو ۽ وطن ويچ وڻجارن، غريبن جي نام نهاد همدردن کي ميدان صاف ڪري ڏيندو آهي.

اهي بيماريون عوام ۾ صحيح سياسي تعليم جي گهٽتائي ۽ تنظيم جي ڪميءَ سبب پيدا ٿينديون آهن ۽ جنهن به تحريڪ جو بنياد جذباتيت يا شخصيت پرستيءَ تي مبني هوندو آهي، انهن تحريڪن اندر سامراج جون اهڙيون چالون گهڻو ڪري ڪامياب وينديون آهن.

## (٥) دانشور جو ٻٽو ڪردار

هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته ڪنهن قوم جو حساس ۽ ذهين حصو اديبن، شاعرن ۽ دانشورن تي مشتمل هوندو آهي. اهو ئي حصو قومي بدحالي، غربت، مظلومي ۽ مجبوريءَ جي حقيقت محسوس ڪري ان کي پنهنجي فڪر جي ذريعي آزاديءَ جي اڪير ۽ اتساهه جي روپ ۾ عوام جي آڏو پيش ڪندو آهي.

انهيءَ احساس، شعور، اڪير ۽ اتساهه جي ذريعي جڏهن قومي تحريڪ اڀري وڌندي آهي ته ان وقت اهو حصو انجي راهه ۾ رڪاوٽ بڻبو آهي. انهيءَ لاءِ واجبي سبب آهن ۽ انهن سببن جي نتيجي ۾ دانشور حلقا قومي تحريڪ لاءِ نقصان جو سبب بڻيا آهن.

حقيقت هيءَ آهي ته هر غلام ۽ محڪوم قوم جو دانشور هڪ ئي وقت ٻن متضاد ڪيفيتن ۾ مبتلا هوندو آهي. ان کي هڪ طرف پنهنجي قوم جي مظلومي، محڪومي

۽ مسڪيني جو شديد احساس هوندو آهي. جنهن احساس جي اثر جي شدت ڪان مجبور ٿي هو قومي آزاديءَ ۽ وطني رسنگاري لاءِ سوچيندو ۽ لکندو آهي ۽ سنڌس ليک بلاشڪ نوجوانن ۽ پڙهيل لکيلن ۾ قومي آزاديءَ جو جوش ۽ جولان پيدا ڪندا آهن. جنهن جوش ۽ جولان کي عملي روپ ونائڻ لاءِ قومي آزاديءَ جون علمبردار جماعتون وجود ۾ اينديون آهن.

ٻئي پاسي اهو ساڳيو دانشور هڪ مخصوص ماحول جي نشست و برخواست جو هيراڪ هوندو آهي. اهو مخصوص ماحول هوندو آهي. نيشنل سينٽرن ۽ ڪلچرل هائوس جو. جتي هر وقت ڪنهن نه ڪنهن قسم جي تقريب ٿيندي رهندي آهي. جنهن ۾ حاڪم قوم ۽ ٽولي جي اديب ۽ دانشور سان گڏ محڪوم ۽ مجبور قوم جو دانشور پاڻ کي ريڊئي، ٽي- وي، اخبارن جي مشهوريءَ ۽ خوشبوءِدار ماحول ۾ پاڻ کي بلڪل گم ڪري ڇڏيندو آهي.

جيستائين قومي آزاديءَ جي تحريڪ ڍلي، بي جان، ڪوڪلي ۽ سست هوندي آهي. ان وقت تائين محڪوم قوم جو دانشور ٻئي پاسا نڀائيندو آهي. هو قوم پرستن جي جلسن جلوسن ۾ شريڪ ٿيندو آهي، جتي بهرحال ڪيس پذيرائي ۽ عزت افزائي ملندي آهي. انهيءَ سان گڏ هو نيشنل سينٽرن ۽ ڪلچرل هائوسن جو ماحول به نه ڇڏيندو آهي ۽ انهيءَ ماحول ۾ رهڻ ڪري محڪوم ۽ غلام قوم جي اديب ۽ دانشور ۾ هڪ عجيب ۽ غريب خواهش ٿيندي آهي ته سندس معيار زندگي ۽ مشهوري به انهيءَ نموني ۽ پيماني تي اچڻ گهرجي، جنهن معيار، نموني ۽ پيماني حاڪم قوم جو اديب ۽ دانشور پهچي چڪو آهي.

اهڙي قسم جي خواهش ايرڻ شرط هو پنهنجي انجمن ۽ سڀا ذريعي پنهنجي لاءِ اهي رعايتون، اهي سهوليتون ۽ اهي آسائشون طلبڻ شروع ڪندو آهي، جيڪي حاڪم قوم جي اديبن، دانشورن ۽ مفڪرن کي مليل هونديون آهن. محڪوم

موقوف آهي. انهن تنظيمن جي پروگرام ۾ جيڪي مسئلا کنيل هوندا آهن تن کي نا پائيدار مسئلا چئي سگهجي ٿو ۽ سامراجي ٽولو جيڪڏهن انهن مسئلن کي حل ڪري ته ڪيس ڪو خاص نقصان نه پهچي. مثال طور ڪجهه تنظيمون هن قسم جا مسئلا کڻنديون آهن:- هارين کي زمين ڏني وڃي، هارين جون بي دخليون بند ڪرايون وڃن، فلاڻن آفيسرن کي بدلي ڪيو وڃي. مسافري جي ڀاڙي ۾ رعايتون ڏنيون وڃن، تعليم مفت ڪئي وڃي، درسي ڪتابن جون قيمتون گهٽايون وڃن، نئين آبادگارن تان ڍل معاف ڪئي وڃي. وڏيرا شاهي کي ختم ڪيو وڃي.

انهن مسئلن کي هو عوامي مسئلن جا نالا ڏينديون آهن ۽ عوام کي فوري ضرورت جو احساس ڏياري متحرڪ ڪرڻ جا دليل ڏينديون آهن. جيڪا تحريڪ انهن کان وڌيڪ اهم کڻندي آهي، اهڙا مسئلا جن کي سامراج شاهي حاصل ڪري نه سگهندي آهي ته پوءِ اهڙي تحريڪ کي مٿين قسم جون پاڪيٽ سائيز تنظيمون عوام جي ضرورتن ۽ مسئلن کان بيپرواهي چاڙائي انجي خلاف پروپئگنڊا ڪري، حاڪمن جي نمڪ حلاليءَ جو ثبوت ڏيئي، قومي نجات جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهنديون آهن. ذڪر ڪيل تنظيمون ۽ سياڻون نديڙن مسئلن جي بنياد تي پاڻ کي قوميءَ جي بجاءِ عوامي آزاديءَ جي تحريڪ جون وارث، والي ۽ حقيقي وطن دوست انقلابي سڏائينديون آهن.

پرڪشش نعرن تي عوام ۾ وقتي جوش ۽ جذبو پيدا ٿيڻ قدرتي امر آهي انهيءَ جذبي جي آڌار تي جڏهن عوام اٿي پوندو آهي، ان وقت سامراج هڪدم ڪن مسئلن جي حل ڪرڻ جو اڌوگابرو اعلان ڪندو آهي، جنهن اعلان ٿيڻ شرط عوام جو جوش به ٺڏو ٿي ويندو آهي.

جيئن ته قابض ٽولي ۽ ڏر وٽ پروپئگنڊا جا بيشمار ذريعا هوندا آهن، جن جي ذريعي هو انهن مسئلن جي حل جو اعزاز به حاصل ڪري وٺندو آهي، اهڙي ريت هن جون پاڙون وڌيڪ

۽ چريا ٿي ويندا آهن. فيئن الجزائر جي هڪ ٽيڪسي ڊرائيور جو واقعو لکيو آهي. جنهن تي الزام هو تہ هو مجاهدن لاءِ پنهنجي ٽيڪسي استعمال ڪري ٿو. انهيءَ ڊرائيور جي غير موجودگيءَ ۾ "مهذب" فرينچن سندس گهر واريءَ سان ٽي ۾ زوري زنا ڪيو. جڏهن ٽيڪسي ڊرائيور کي سندس گهر واريءَ اهو واقعو ٻڌايو تہ هن کي ايڏو ذهني صدمون پهتو، جو هو مردانہ قوت کان محروم ٿي ويو.

اهڙي قسم جا ڪيترائي واقعا الجزائر، جپان، ليبيا، بنگلا ديش ۽ ايران ۾ ٿيندا رهيا آهن. انهيءَ عمل وسيلي سامراجي وحشي ڪتا قوم کي ذهني ۽ نفسياتي طرح مفلوج بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ جيئن اها ڪنهن سرڪشيءَ جي جرئت نہ ڪري سگهي.

نوجوان ۽ ورڪر ڇوڪرين سان پڇا ڳاڇا ڪرڻ ۾ انتهائي ڪميڻپ جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي. هنن جي نہ رڳو عصمت دري ڪئي ويندي آهي، پر هڪ ئي وقت ڪيترا ئي بدمعاشيءَ جا پندار پنهنجي درندگيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن. شرمناڪ حالتن جا نہ رڳو فوٽو ڪڍيا ويندا آهن، پر مووي ڪئميرا جي ذريعي اهي عمل محفوظ ڪري انهن ڇوڪرين جي وارثن، مڱيدن ۽ محبوبن ڏانهن موڪليا ويندا آهن. نازڪ جاين کي سگريٽن سان ڏنڀڻ ۽ انهن کي سگريٽ جي ٻوري لاءِ ايشٽري طور استعمال ڪرڻ تہ عام ڳالهہ هوندي آهي. اهڙين ايذاءَ رسانين لاءِ ايراني ڇوڪري اشرف دهقانيءَ جي ڊائري ڪافي مواد سان ڀري پيئي آهي. اهڙي وقت ۾ باحوصلہ ۽ با اعتماد نظرياتي هٿيارن سان هٿيار بند ۽ آزاديءَ جي جذبي سان ٽمٽار ڇوڪريون پنهنجو حوصلو نہ هارينديون آهن. هنن وٽ عصمت جي گوهر کان آزاديءَ جو گوهر وڌيڪ قيمتي هوندو آهي. هنن وٽ عصمت دريءَ ذريعي وهندڙ رت آب زم زم کان وڌيڪ مقدس هوندو آهي، قومي آزاديءَ لاءِ. ۽ جڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ جو نظرياتي شعور پوري قوم جي شعور سان

# تنظيم جون ڪمزوريون ۽ خاميون

ڪنهن به پارٽيءَ جي مضبوطي ۽ ثابت قدمي لاءِ هيءَ ڳالهه انتهائي ضروري آهي ته انجي ورڪرن، ڪارڪنن، ميمبرن ۽ همدردن کي صحيح سياسي تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي. سياسي تعليم کانسواءِ پارٽيءَ جا ڪارڪن ۽ ورڪر هنگامي جوش، احساس محرومي، انتقامي سوچ ۽ ردعمل جي چڪر ۾ اچي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي، وقتي طوفان وانگر نهايت دليري ۽ پيش قدميءَ جو مظاهرو ڪندا آهن پر جيئن ئي جوش ۽ طوفان هلڪو ۽ ٿڌو ٿي پوو تيئن ئي انهن جون همٿون پست، جوش ۽ ولولا ٿڌو ٿي ويندو آهي. نتيجي ۾ هو انتهائي ڪريل ذهنيت، ڳلاخوري، عهدن جي ويڙهه ۽ هڪ ٻئي جي ڏاڙهي پٽ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن. ڳالهه وڃي اتي پهچندي آهي جو انهن مان ڪي وڪامي ويندا. ڪي ماٺ ڪري ويهي رهندا ۽ ڪي اقتدار ملڻ کان پوءِ عياشي ۽ عهدن جي لالچ کي ڇهتيا پيا هوندا آهن. اهڙا ورڪر آزاديءَ کان پوءِ عوامي خدمت، وطني آزاديءَ جي حفاظت ۽ قومي خوشحاليءَ تي سوچڻ بجاءِ انفرادي نفعي ۽ فائدي لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪندا آهن. پارٽيءَ ليڊر جو گهيرو ڪري ڪانئس پرمٽون، نوڪريون ۽ پيا معاوضا طلب ڪندا آهن. اهي شيون نه ملڻ جي صورت ۾ هو جيئن رد عمل جي چڪر ۾ ڦاسي آيا هئا. تيئن رد عمل جو شڪار ٿي پارٽي ۽ حڪومت جي ڪمزوريءَ جو باعث بڻيا آهن.

سياسي پارٽين جا دفتر، آفيسون ۽ ميٽنگون عام طرح شهرن ۾ ٿينديون آهن، ان ڪري ٻهراڙيءَ جي عوام مان انهن پارٽين جو لاڳاپو رڳو وقتي جلسن جي ڪري رهندو آهي ۽ عوام ليڊرن جي تقريرن مان هي نتيجو ڪڍندو آهي ته بس آزاديءَ

